# منهنجي حياتيءَ جا

# سونا روپا ورق



پوپٽي هيراننداڻي

ڪتاب اٺونجاهون (58)

# منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق

(آتم ڪهاڻي)

پوپٽي رامچند هيراننداڻي

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ

1993ع

(حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ)


ڪتاب جو نالو: منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق

موضوع: آتم ڪهاڻي

ليکڪ: پوپٽي رامچند هيراننداڻي

ڇاپو: چوٿون

ڇپجڻ جي تاريخ: جنوري1993ع

ڇاپو پهريون: ڪونج پبليڪيشن بمبئي 1981ع

ڇاپو ٻيون: سهڻي پبليڪيشن،حيدرآباد سنڌ 1982ع

ڇاپو ٽيون: مڪمل لوڪ سر پبليڪيشن بمبئي 1992ع


پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.


[سنڌي ساهت گهر، ڪتاب نمبر - اٺونجاهون (58) ]

قيمت: =/60

سٺ روپيه

---

MUHINJI HAYATI-A-JAA SONA ROPA VARQ.
(an-autobiography)
By: Popati Hiranandani
Published by: Naz Sanai
Sindhi Sahat Ghar-3 Nizam Ladge
Gari Khato, Hyderabad Sindh.
Jan. 1993- Book No. 58
Per Copy: Rs: 60.00 Sixty only.


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## ٻه اکر

پوپٽي هيراننداڻيءَ جو نالو سنڌي ساهت جو وڏو نالو آهي. جنهن هيستائين جيڪو به لکيو آهي اهو ڏاڍي همت ۽ بيباڪيءَ سان. هن ڏاڍي قرب ۽ پاٻوهه مان قلم جو پورهيو ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ هند جي جن قلمڪارن کي ڏاڍي سِڪ ۽ اُتساهه مان پڙهيو وڃي ٿو انهن ۾ پوپٽيءَ جو نالو به سرفهرست آهي.

سندس هيءَ ڪتاب 'منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق' سنڌ ۾ پهرين به ڇپجي چڪو آهي پر اهو نامڪمل هو. پوپٽيءَ اُن کي هاڻي وڌايو آهي ۽ نئين طرح سان هندستان ۾ تازو شاندار نموني سان شايع ٿيو آهي، جنهن کي اسان جو ادارو هتي ٻيهر ڇاپيندي خوشي ٿو محسوس ڪري.

هيءَ ڪتاب رڳو پوپٽيءَ جي آتم ڪهاڻي ڪونهي پر هِن ڪتاب ۾ هن اسان جي سنڌي سماج خاص ڪري ورهاڱي کان اڳ جي ماحول جي ڀرپور نموني عڪاسي ڪئي آهي ۽ گڏوگڏ هتان وڃڻ کانپوءِ هند جي سماج ۽ خاص طور سنڌي هندن جي ماحول ۽ تڪليفن جو انتهائي چڱي نموني سان ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان اسان کي ڪيترين ڳالهين جي پروڙ پوي ٿي.

لائق پڙهندڙ ڪتاب شروع ڪري اُن کي پڙهي پورو ڪرڻ کان اڳ شايد ڪٿي به ورچي نه ويهن ڇاڪاڻ ته نه رڳو قصو دلچسپ آهي پر ٻولي به ڏاڍي ٻاجهاري آهي. سنڌ ۽ سنڌين سان محبت، هن جي دل ۾ موجزن آهي ۽ يقيناً هي ڪتاب پڙهي، اسان جي دلين ۾ پوپٽيءَ لاءِ اڃا به وڌيڪ محبت وڌندي، جنهن جي اڳ ۾ به ڪمي ڪانهي.

اسان ٿورائتا آهيون سنڌ جي ناماياري شاعر محترم تاج ٻيوس جا جنهن اسان کي ڪتاب جي ڪاپي ڏني. انهن ساٿين جا به ٿورائتا رهنداسين جيڪي اسان جي اداري کي سنڌيءَ جا املهه ڪتاب ٻيهر ڇاپي لاءِ ڏيندا .

۲۰ ڊسمبر ۱۹۹۲ع

ناز سنائي

# سٽاءُ


مهاڳ - لڇمڻ ڪومل ١

پڙاڏو - پوپٽي هيراننداڻي ٨

ورق پهريون - مان ۽ پنا ١١

ورق ٻيون - حالتن ئي مونکي سيکاريو ١٩

ورق ٽيون - جوڳي جادو لڳائي ويا ٢٩

ورق چوٿون - اسين ياڻر پينر سپ ست ڄڻا ٣٨

ورق پنجون - پڪي مڙيوئي نہ هنج ٤٧

ورق ڇهون - ڇا مون پيار ڪيو؟ ٥٧

ورق ستون - جڏهن مونکي زندگي ۽ موت جو ڳنڍيل احساس ٿيو ٦٦

ورق اٺون - مان ماسترياڻي ٧٦

ورق نائون - زندگي هڪ ناٽڪ ٩١

ورق ڏهون - منهنجي پير ۾ چنچر آهي ١٠٠

ورق يارهون - مون شادي ڇو نہ ڪئي؟ ١٠٨

ورق ٻارهون - مان هڪ عورت ١١٥

ورق تيرهون - ڪالهہ جي ياد–سيان جو سپنو ١٢٥

ورق چوڏهون - زندگي جي شام ١٣٠

ورق پندرهون - اسانجا سکهڙ سياڻا ١٤٢

ورق سورهون - اڪيلي اڳربتي ١٦٤

ورق سترهون - منهنجون بيماريون ۽ منهنجا ڊاڪٽر ١٨٧

خاص اِسم - ڪن اديبن ۽ پڙهندڙن جا رايا ١٩٨

# مهاڳ

برخت جي هڪ ناٽڪ جو ڪردار چوي ٿو:-

"پنهنجيءَ اداس تي الين ۽ اُترو جلد خوش ٿيڻ جي
ضرورت ناهي، ڇو جو اها ڪک،
جتان هو ڇرندو- ڇيڇلائيندو اُٿيو هئو،
اها به زرخيز آهي."

ٻرڪليءَ جي وسيع ڪئنواس مان جڏهن ڪا تخليق جنم وٺندي آهي ته ٻهراڙن جي سڌڪا، زندگيءَ جا سيلاب آڻي، اُنتي هلي ساهه جا سلسلا جوڙيندا آهن ۽ سلسلا سدائين اسانکي اهو احساس ڏياريندا رهندا آهن ته اسانجي زندگيءَ ۾، ڀلي هن دنيا ۾ جتي به، جيڪي ڪي ٿي رهيو آهي، اهو اسانجي اجازت کانسواءِ ٿي رهيو آهي.

پوپٽيءَ جي خياليءَ ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو آهي. اهو هن جي منظوريءَ بنا ٿيو آهي ۽ جيڪي ڪجهه 'نه ٿيو' آهي ان تي به هن جو ڪو وس نه رهيو آهي. بهرحال، ان 'ٿيڻ' ۽ 'نه ٿيڻ' ۾ پوپٽيءَ جي پنهنجي چونڊ اوس رهي آهي. 'وجوديت' جو سڄو فلسفو ان ئي سرائيءَ تي ڦرندو رهيو آهي ته انسان نه پنهنجيءَ مرضيءَ سان جنمي ٿو ۽ نه پنهنجي مرضيءَ سان اجل جي راهه وٺي ٿو پر ان جنم ۽ مرڻ جي وچ واري عرصي ۾ هن کي پنهنجي مرضيءَ ۽ منشا مطابق ڪنهن چونڊ جو حق اوس حاصل آهي. پوءِ

هڪ ڀيمڀراڻو شان ۽ جلوو نظر آيو هيو. سڀ کان دردناڪ منظر اهو هيو جڏهن ڪنهن قاتل Maldorar جي پيٽ ۾ آرپار تلوار لنگهائي ڇڏي آهي- پهلوان، مستري، فلاسافر، شاعر - سڀ ڪوشش ڪري ٿڪجي پيا آهن پر ڪو به اها تلوار ٻاهر نه ڪڍي سگهيو آهي. ان وقت پيڙا کان ڦٿڪندي هو چئي ٿو:-

"They knew not that the evil done by man was not to be undone."

۽ پوءِ به Maldorar جي ان عذاب کي سمجهي ٿي ته

يا ته هر درد کي ڪا معني آهي

يا ڪنهن به درد کي ڪا معني ناهي!

بهرحال مون کي اهو چوڻ ۾ ڪو عار نه ٿو ٿئي ته، پوئين جي هيءَ آتم ڪٿا اڃان اڌوري آهي. ان ۾ رڳو ٻي ڏوان باب جوڙڻ ٿي ڪافي ناهن جو هر نئين ايندڙ سچ جو ڀرپور ڪرڻو پوئين جي آپ بيتيءَ ۾ هڪ بهتر باب جو اضافو آڻيندو رهندو ۽ ايندڙ صديءَ، جيڪا اسان کان هاڻي ڪي وکون وڇوڙو وڃي رهي آهي، جي هڪ شفاف صبح جو مان پوئين جي مڪمل ڪٿا جو هڪ نئون مهاڳ لکندس.

ان جي مون کان وڌيڪ پوئين کي پڪ آهي.

**لڇمڻ ڪومل**

١٨ ڊسمبر ١٩٩١

# ليکڪا جا ٻه اکر

انڊو-آمريڪن سوسائٽيءَ پاران انگريزيءَ ۾ تقرير جي چٽاڀيٽي هئي. وشيه اُن وقت تي باڪس مان ڪڍي اُن تي ڳالهائڻو هو. اُن چٽاڀيٽيءَ ۾ مان ٻيون نمبر آيس ۽ هڪ گجراتي ننڍو ايٽو ڇوڪرو پهريون نمبر.

ڪرسمس تي ويلا هٿاسين ته اُن ڇوڪري مون کان منهنجي جنم جي تاريخ ۽ ويلا (وقت) پڇيا. مون ٻڌايومانس ته هو ڪٽي ويٺو منهنجا گره. جاچڻ. اڌ ڪلاڪ لڳس جنهن بعد چيائين ته، ١٩٧٨ واري سال جي نومبر مهني جي پڇاڙيءَ ۾ بدن جي هيٺين حصي ۾ تنهنجو وڏو آپريشن ٿيندو. جيڪڏهن مون لي ني مري وئينءَ ته خير. ٻر جي بچي وئينءَ ته گهڻو وقت جيئندين." مون کليو ۽ سندس ڳالهه ٻڌو ڦاڙي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته مان هٽي ڪٽي ۽ تندرست هيس. تڪليف ڪابه ڪين هيم.

١٩٧٥ جي مارچ ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ اوچتو لنڊن ۾ گذاري ويو. خبر ٻڌي مونکي اهڙو ڌڪو رسيو، جو اُٿي نه ويهي سگهان. اُن بعد مان ڪجهه به کائي نه سگهندي هيس. صرف ڏڌ چانور زوريءَ پيٽ ۾ لنگهائيندي هيس.

ڪڏهن ڪڏهن پيٽ ۾ سور پڻ ٿيندو هوم. ليڪ اچي ١٩٧٨ سيپٽمبر جي پڇاڙي پهتي! ڊاڪٽر وٽ ويس ته گهڻيئي اسم جاچ لاءِ لکي ڏنائين. نومبر جي اڌ ۾ رپورٽ ڏسي چيائين ٢٢ تاريخ آپريشن ڪندس، اسپتال ۾

سنڌين سنڌو ’پيشر - پتامهن‘، ’اسانجي جهانسيءَ جي راڻي!‘
خط پڙهي منهنجي دل روئي ڏيندي هئي. منهنجو روح سنڌ ڪا پرندو هو ۽ منهنجي زندگيءَ جي ڏاتي جي وَٽ ترقي آئندي هئي.

هندستان ۾ هن ڪتاب جي گهڻي گهر ٿي. ٻر هريءَ گهڻي چوڻ تي ٻه ٻيو ڇاپو ڪين ڇپايو. سنڌ ۾ شري دؤلت مهتاڻيءَ ٻيو ڇاپو ڇپائڻ جو خيال ڏيکاريو آهي.

مان نوڪ سر سنسٿا جي سرڪردن، ديوداس رتنپال، هيرو چاولا ۽ چندرو ٻنجابيءَ جي شڪرگذار آهيان جن منهنجي ڪتاب جو هيءُ ٻيو ڇاپو آهي ۽ ماڻهن کي مان ڏنو آهي.

**پوپٽي ر. هيراننداڻي**

١٩٩٢-٢-١٢

# ورق پهريون

## مان ۽ پنا

ٻوٽن جون قطارون
هوا جي طوفاني تيزي
جڏهن لڳيون لهرائينديون هليون،
پوءِ به ثابت آ سڪون پري
زندگيءَ جون آڌارون
تن من جي انتها پيڙا
جڏهن چوگرد سڀ بلائون سرڪنديون رهيون،
پوءِ به جيون آ رانگ پري.

— ٻو ٻٽي

منهنجي زندگي ڪڏهن کان پنن ۾ ورڙهجي وئي آهي ياد نه اٿم. فائيل اندر پنا، فائيل کان ٻاهر پنا، ڪتاب اندر پنا، ڪتاب جي مٿان پنا، ميز تي پنا ۽ پرس ۾ پنا، ساڙهين جي وچ ۾ پنا ۽ بلائوزن جي پرسان پنا، انهن تي پنا مونکي گهيري ويا آهن ۽ مان هر هميشه پنن جي ئي صحبت ۾ والي آهيان.

ان ڳالهه تي منهنجي امي ڏاڍي ڪاوڙبي هئي پر اسان ٻن مان ڪنهن نه هڪ ٻئي جو ساٿ ڪين ڇڏيو آهي. اميءَ جي ڪاوڙجڻ تي ڪڏهن ڪي پنا چوندي

جي ٻڌڻ کي ٻہ شهہ ڏيئي وٺي.
جيئن ڦرلهڙو جي مرامت ڪرائبي آهي
نہ ڪرسيءَ يا ٽيبل جي ڀڳل ٽنگ ڪري
لڳين وجهندا آهن
لڳين هنن منهنجي عضون کي
ڪٽيو ۽ ڳنڍيو
پوءِ
انهن جي جڳهہ انهن مٽاياٿون
جيئن ڪمري ۾ وزندار سامان
هڪ ڪنڊ کان ڪٽي ٻيءَ ۾ رکبو آهي.
بدن مان رس
۽ کيسي مان پئسا
ڦري
هر طرح ڪمزور بڻائي
مونکي اسپتال مان ڪڍي ڇڏيائون
چي:
اسان توکي رلووٽ ڪيو آهي
هاڻ
تون اهو رلووشن ڪيتائين ٿي هلائين
اهو توتي ٿي مدار آهي!

# ورق ٻيون

## حالتن ئي مونکي سيکاريو آهي

"زماني جي ڌڪن ئي آهي سيکاريو ته، ڪيئن هلجي
سهي چوٽن ئي چوٽون عاقبت هشيار ٿي پياسين"

- موتي پرڪاش

منهنجو پتا فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ وڏي عهدي تي هو. سنڌ جي شهرن ۾ سندس بدلي ٿيندي رهندي هئي. سکر ۽ شڪارپور بعد سندس ڪراچيءَ ۾ بدلي ٿي جتي هڪ شڪارپوري سيٺ جي مسواڙي جاءِ ۾ رهڻ لڳاسين. سيٺ پاڻ مٿي رهندو هو. انهن بابا جي سيٺ سان جاڻ سڃاڻ ٿي ۽ بابا کيس ڏهه هزار رپيا اڌارا ڏنا.

بابا کي ڪابه علت ڪين هئي. منهنجا چاچا پتو کيڏيندا هئا ۽ بيڙي ڇڪيندا هئا پر بابا نه پاڻ پتو کيڏندو هو ۽ نه اسان کي کيڏڻ ڏيندو هو. هن ۾ بس هڪ ئي اوڳڻ هو، جو هو پئسا وياج تي اڌارا ڏيندو هو.

هنجي ان اوڳڻ ڪري ئي اسان سندس وڃڻ بعد ڏاڍيو پڇتايو. سندس هڪ دوست تاراچند ٽالي هو. ٻنهي گڏجي ملير - ڊرگ روڊ پاسي ڪيترين ايڪڙن ۾ ڦهليل پٽ ورتو هو. تاراچند کي به بابا اڌارا پئسا ڏنا هئا جي هو واپس ڏيڻ نه سگهيو ته پاڻ وارو پٽ به بابا کي لکي ڏنو هئائين.

پنهنجو چيل جملو ڪولي سمجهايو.”

نوڪري ڪرڻي آهي يا نه، اهو فيصلو جڏهن هو مونکان پڇي رهيو، تڏهن هو مونکي ٺڪاڻي ڪيئن آڻي سگهي؟ جڏهن منهنجي ڳالهائڻ مان نوڪري ڪرڻ جي مجبوري هو جاڻي نه سگهيو، تڏهن ڳالهائڻ جو رخ بدلي هن مون کي سمجهائڻ شروع ڪيو.

ان بعد اسڪول ۾ جنهن به ماستراڻيءَ کي ٺڪايو ويندو هئو ته هوءَ مون سان صلاح ڪرڻ ايندي هئي. ان جو اهو مطلب نه آهي ته مون ۾ جهجهي سياڻپ آهي، پر مان بالادست اڳيان پاڻکي مجبور ۽ لاچار ڏيکارڻ بدران پاڻ جتائڻ جو طريقو اپنائڻ جي نئي فائدي ۾ آهيان. جڏهن وقت بالادست زيردست جي مجبوريءَ جو فائدو وٺڻ ٿو چاهي تڏهن وقت ڏيڻي هيٺ ڪِرڻ بدران لڪڻي بدلپ وانگر ڦٽڻي مٿي ٿي بيهجي. چاڪاڻ ته پگهار انسان کي اجوري جي روپ ۾ ئي ملي ٿو. ان ڪري پڇ اوڏڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي. چوڌاري نظر ورائبي ته ڏسبو ته سڀني پراڻن جي پنيءَ جو ڪنڌو ڪنهن نه ڪنهن اموني اميل ٻا وزال آهي. هڪ انسان ئي آهي جنهنجي سڌي ڪنڌي جو چهرو آڪاش ڏانهن اشارو ڪري ٿو. اهڙو بلند مايه ناز انسان ڪنهن جي پيرن ڏانهن جهوڪاري؟

# ورق ٽيون

## جوڳي جادو لڳائي ويا

"مون پوءِ جي پاري ۾ ڀاڙيءَ تي ايو
هڪ صبح، اگهاڙو ڪو الله لوڪ ڏٺو
وسمھ ۾ ڏسي موالڪي، چيائين مرڪي
ڇو عشق جي ڪُوري تي ڪو نهي ٿو ڪپڙو؟"
— هرو سدارنگاڻي

حيدرآباد جي هيراباد ۾ اسان جي پنهنجي جاءِ هئي پر نانيءَ ڇيو نه ڏهين ٻارن سان منهنجي ڏيءُ اڪيلي ڪيئن وڃي رهندي؟ ان ڪري اسين سڀ گڏ رهڻ لڳاسين. هيٺ منهنجي ماسي پنهنجن اٺن ٻارن سان ۽ ماڙيءَ تي منهنجو مامو، سندس ٻه ٻار ۽ منهنجي ناني هڪ پاسي ۽ ٻئي پاسي امي ۽ سندس ست ٻار. منهنجو ماسڙ ڪوئٽا ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ منهنجي ماءُ گذر ڪري وئي هئي. سڀني هيٺين ٽڙ جي وڻ جيئان ڦهليل پريوار کي منهنجو وڏو مامو (منهنجي ماءُ جو مامو) گوپالداس پاليندو هو. هن شادي نه ڪئي هئي پر سندس ڌرمپتني گذاري ويئي هئي ۽ هن وري شادي نه ڪئي هئي.

مامو گوپالداس وڏو ٺيڪيدار هو. گدو بندر واري اسپتال ٺوڙي سول اسپتال ۾ هر هڪ چيز ٺهرائڻ جا ٺيڪا

مهان ودوان هو. پوءِ ۽ نئون انتري هوندي جنهن جو
هڪ ننڍڙي ٻالڪا اڳيان جهڪي پوندو هو.

منهنجو ٻابا صاحب جو سوال آئي ٻلند آواز سان
ڳائيندو هو:

مٺن آنڌلي ڪي نيڪ ليرا نام خدا ڪارا
مٺن غريب مٺن مسڪين تيرا نام هئي آڌارا....

ٻـا

"سنتان ڪي ڪارج آپ کلوپا......"

۽ اُمي مرڻ گهڙيءَ تائين صاحب سوال آئي پنهنجيءَ ماءُ جيان سڪنديءَ جو پاٺ ڪندي هئي. پر مون ڪڏهين نت نيم سان ڪنهن پستڪ جو پاٺ ڪين ڪيو. اڄ ڏينهن جي ڀيٽ ۾ مولڪي ڪلام وڌيڪ وڻندا هئا ۽ وڏي ٽيڙ تي "غزل" زبردست اموٽي ۾ موهيندو آهي.

پر سادو واسوانيءَ جي شخصيت مولڪي فيلسوفيءَ ڏانهن مائل ڪيو. ٿياسافي هال ۾ ليڪچر رکيا ويندا هئا. پاڻي پرتاپ جي مئتري پون ۾ هر جمع تي ڪٿ اپنشد تي سوامي رنگناٿن جو وياکيان ٿيندو هو. هر سومر تي گورسنگت ۾ ماستر فتحچند گورن جي جيون جو ورڻن ڪندو هو ۽ هر ٻڌر تي سنتداس وڪيل گيتا جا اڌياءَ سمجهائيندو هو. مان سڀني جا ليڪچر ٻڌڻ ويندي هئس. جنهن جنهن تي ٻڌم ليڪن تنهن تي ٻماس وڌي.

پر وري سادوءَ جي آواز جي گونج

اُستو ما    سد گمي
تمسو ما    جيوتر گمي
مرتيور ما    اَمرتم گمي

مولکي چڪيندي رهي. تارن سان ڀريل آڪاش، هون

جي سڄڻ، مٽي ۾ وهندڙ دونهون، شانتيءَ (سادو واسواڻيءَ جي انڊي شڪيا) جو پورو ڍانچو ٺيل ڇهرو ۽ سادوءَ جو مندر جي گهنڊ جهڙو مٺڙو آواز! ان آواز ۾ عشق جو خمار ۽ هو نه ملڻ جي مٺڙاڻ ۽ سماڻل هئي!

سادوءَ جي من ۾ وهندڙ گيان جي گنگا جي هڪ بوند منهنجي سيني جي سر (تلاءُ) ۾ ڪڏهين سمائجي ويئي سا خبر ڪين اٿم.

# ورق چوٿون

## اسين پائر پينر سپ ست چٽا

نظر سان ٿي جن ٿي ڪيا دوُر دکڙا
اَلا! سي هليا ويا، ڪٿي ويا ٻهارون.

- اندر پوچوائي

اَمي چوندي هئي ته جڏهن سکر ۾ هئاسين تڏهين ٻـه دفعا لون مٽان ڪڏ لان هيٺ ڪري ٻڌي هئينءَ. جڏهين ٻئو ڀيرو مسلمان ڪٽر ڪان تنهنجو مڙال ٻيو ۽ ٻـگـل هڏو ٿهرانڻ و ٻاسين، تڏهين هن چيچيندي چيو ته نيمگر ته ڪپڙو ته هتي ڇڏي وڃوس! مان ڪيس ٻاليندس!

شڪارپور جي ته مونکي چٽي ياد آهي. اسان وٽ پاريءَ ماءُ ڪم ڪندي هئي جا ٻزار ۾ ڀاڄي وٺڻ ويندي هئي ته مان ساڻس لڙڪي پوندي هئس. هڪ دفعي هوءَ مونکان ليپ تي ته پيٺي ۽ مان رنندي رنندي هلندي پٺي وڃان ته ٻن سوار ٿهراندڙ شخص مان هڪ، مونکي ڪٽي ورتو ۽ گڏهه تي وهاري پٺي لڪڙو لڪڙو هلڻ لـڳا. مان لهائين وڏاڪ رڙيون ڪرڻ لڳيس، جي ٻرڌان ڪجهه هندو جوان شايد ٻڌيون ۽ آهي دوڙندا آيا. جت مونکي پٺ تي رکي ونڻ لڳا. جوان مونکي ڪوهر ڪارايا ۽ پوءِ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ هرڪو ڏيندا هليا ”هيءُ ٻار ڪنهنجو آهي؟“ دڪيءَ تي ٻيٺل اميءَ امالڪ ٻاهون وڌائي مونکي ڪٽي ورتو.

اسان گڏجي گهر جون جوابداريون کنيون. پاڻ ۾ ايڪ
ڪيا. ڏکيائيءَ ۾ هڪ ٻئي کي ساٿ ڏنو ۽ خوشيءَ ۾ گڏجي
کليو هو، پر هاڻ اهو ساٿ ڇڏي ويو! امي ويئي ته ائين
سمجهيم ڄڻ گهر جي ڇت اڏامي وئي آهي. هي ٻه ويا
ته ڄڻ گهر جون ٿنڀون ئي ڀڄي پيئون!

باقي رهيا اسين ٻه ڀائر هڪ ڀيڻ. مان پنهنجن ڀائرن کي
تمام گهڻو گهرندي آهيان. زمانو ڀل ڪيتري نه ترقي ڪري
وڃي پر ڀيڻ ڀاءُ جو هيءُ انوکو رشتو مون وٽ اڄ به هڪ
خاص معني رکي ٿو. مان اڄ به جهوني زماني جي ڀيڻ
آهيان ۽ اُن وانگر ئي ڀائرن لاءِ دعا ڪندي چوندي آهيان ”شل
منهنجي عمر به توهان ڀائرن کي ملي!“

# ورق پنجون

## ڀڪي مڙيوئي نہ هنج

"واس مولين کي چکڻ وارا نہ ڀٽڪن ٿا ڪهڙو
ڇالاءِ ڪانءُ ٿا هنسن جي وڃن محفل ۾"

— سگن آهوجا

جيون جي هن لمبي سفر ۾ انيڪ آدمي گڏيا اٿم. اسڪول پڙهندي، حيدرآباد ۽ بمبئيءَ ۾ ماستري ڪندي، ڪاليج پڙهندي، واري سان ٽن ڪاليجن ۾ ڪم ڪندي، "سنڌيت" جي هلچل ۾ ڀاڱو وٺندي ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي عهدي لئي رهي سرگرم رهندي، گهڻن ئي شخصن سان واسطو پيو اٿم. عزيزن خويشن، مترن ۽ ڪليگس جي پڻ لمبي ياداشت آهي مون وٽ. اُنهن مان صرف ڪن ڳاڻ ڳڻين شخصن کي ئي مون انسان ڪري مڃيو آهي. گهڻي ڀاڱي دوکيباز، لالچي ۽ سوارٿي ماڻهو ئي پئي مليا اٿم.

حيدرآباد ۾ پروفيسر مليچا وٽ هر روز سنسڪرت پڙهڻ ويندي هيس. مئٽرڪ ۾ مون ٻرشن ڪئي هئي. بعد ۾ ميران ڪاليج کليو تہ ٨٠ شاگردياڻين سنسڪرت ڪئي. پروفيسر مليچا ٿورو ڪجهہ سيڪاري امتحان ورتو تہ مان پهريون نمبر بيٺيس. سڀاويڪ هن مون ۾ چاهہ وٺڻ شروع ڪيو.

چمڙي کي اوهين گهٽ درجي جو سمجهي ان سان اڇوت و
وهنوار ٿا ڪريو ڇا؟ ته باقي اتحاد ڪهڙو سگها آهيو؟"

ٻيا ته ڇڏيو پر ڇڏهين ڪميونزم ۾ وشواس رکندڙ مترن
کي پنهنجن دوستن سان پيدي ورتاءُ ڪندو ڏسندي آهيان
تڏهن من ۾ خيال ايندو آهي ته هنن "ڪامريڊشپ" جي
معنيٰ پوريءَ طرح سمجهي ئي ڪانهي. اُنهي هوندي به
انسان کي سيکاريو ويندو هو ته رڱ، نسل ذات جي ڀيرين
مالي گانءِ لاءِ آهي ۽ چانورن جي ٻوران چانٽي اڳئيءَ لاءِ،
ته اڳيان آيل ٿالهيءَ مان ٻهران ڳٽي ڪانوَ لاءِ ڪيڍي ۽
پڇاڙيءَ جي ڪتي لاءِ. ان طرح انسانن "سائين" ۾ ڪانوَ،
ڪتا، ڳائيون، ڪڪڙيون سڀ شامل ٿي ويندڙ هيون.
نه رڳو شامل ٿي ويندا هئا پر انسان جهڙا ئي ليکيا هئا.
ڪتي لاءِ مانِي پچندي هئي ته ان کي ڪنهن ضرور لڳندو
هو: ڇي ڪتو اٽيو نه کائيندو آهي، ڪير "سٺو ٽڪر"
وٺندو آهي. وڏال ڪتيءَ کي سڀ ٻار ٻوارا پچندا هئا.
فقير، مست قلندر، پنڪي، سهڻي کي مند سارو الب، شربت
يا ڳڙ پيل لولي ڏني هئي.

پر هتي انسان مان اهو انسانپڻو عدم موجود ٿي ويو آهي.

# ورق ڇهون

## ڇا مون پيار ڪيو؟

جڏهين جڏهين آهي ڪالوَ - اُگهڻ منهنجي لنوِ
تڏهين تڏهين آهي لالوَ - تنهنجو هريو هالوَ ۾

— ڪرشن "راهي"

هڪ دفعي سرگواسي هاسارام رائيءَ چيو هو تہ مون ڪٿي پڙهيو آهي تہ حيدرآباد جا عامل يونانين جو اولاد آهن. سندن اک ۽ ڪاروبار هلائڻ جي لياقت اها ڳالهہ بخوبي ثابت ڪن ٿا.

خبر ناهي مٿين ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي مگر اها سان خبر اٿم تہ يونانين جيان حيدرآبادي پڻ ڌيئن ڀيڻن کي پيار ڪرڻ ڏيندا ئي نہ هئا.

جتي جتي جاگيرداري نظام هو اُتي اُتي عورت جي حالت تہ ڇا مگر نگاهہ تي بہ سخت پهرو رکيل هوندو هو. عورت ان پهري کان جڏهين بہ ٻاهر نڪتي ٿي تڏهين ڪيس، يا سندس نگاهن جي گهايل ڪئي موت جي گهاٽ اُتاريو ٿي ويو.

حيدرآباد دکن ۾ وڃڻ ٿيو هوم. هڪ مسلم پروفيسرياڻي اِتهاسڪ عمارتون ڏيکارڻ هلي هئي. هڪ هنڌ بيهي چيائين،

ٽٽيو ويندو آهي. پر پيار ته دل ۾ اڪرجندڙ چيز جو
نالو ئي آهي.

شايد ان ڪري ئي، ته ڪڏهين ڪنهن جي پرواهه رهي
اٿم ۽ نه ڪڏهين ڪنهن جو دپ يا انتظار! نه ئي ڪنهن
کي پڇائڻ، مڃائڻ يا خوش ڪرڻ ايندو اٿم ۽ نه ڪنهن
جي خوشامد ڪري پيار جتائڻ.

ها، مونکي شادي ڪرڻ جو ارمان به ڪينهي. شادي
زندگيءَ جي منزل نه آهي، نه ئي شادي پيار جو مقصد
آهي. وواهه، ته هڪ سمستا آهي، سا به نهايت پراڻي.
شادي ڪرڻ جيون جيئڻ جو هڪ سهج ۽ آسان طريقو آهي.
شادي ڪيل پاڻ ۾ انهن ويچها مانت ٺٽجي وڃن ٿا، جيئن
کي پيا مت مانت پنهنجا ٺٽجي وڃن ٿا. ها، سانت آهي،
ويچارن جي ڏيوت آهي، دک سک جي ونڊ سنڊ آهي، پر
ان ۾ لرزش وارو ۽ ڌڙڪندڙ پيار آهي؟ ان سانت ۾ انڌلت
جي رنگيني آهي؟

ها، ڪڏهن من جي اندرين تهه ۾ اڪيلائي، هڪ سڃ
جو احساس ڪرائيندي آهي. پر اهو به گهڙي پل لاءِ. پوءِ
ڪڻ ئي زندگي پنهنجي پيچيدي چال ۾ ويڙهي ڇڏيندي اٿم.

# ورق ستون

## جڏهين مونکي زندگي ۽ موت
## جو گڏيل احساس ٿيو

موت وس ۾ نه زندگي وس ۾
ڪيڏو بي اختيار آهيون اسين

— لڇمڻ ڪومل

رهڻ تي ظاهر ٿيو ته ملڪ کي ورهايو ويندو. اخبارن ۾ خبر آئي ته سڄي سنڌ پاڪستان کي ملي آهي. پناهگيرن سنڌ ۾ اچڻ شروع ڪيو هو. هڪ ڏينهن ٻڌوسين ته حيدرآباد ۾ پنج هزار مسلمان اچي لٿا آهن، جن مان ڪي مسلم هاسٽل ۾، ڪي سنڌين جي پاڙي ۾ ۽ ڪي مدرسي ۾ رهايا ويا آهن. مسلم هاسٽل اسانجي گهر جي ساڄي پاسي واري رستي تي هئي. فضا ۾ ڊپ، هوا ۾ هراس ۽ دلين ۾ دهشت ڇانيل هئي. باقي ته جو هاسٽل مان نڪري ڪن نوجوان مسلمانن نعرا هنيا ته "حيدرآباد جون حورون اسان جي حوالي ڪريو" تڏهن ته آهي باقي دلين جي ڌڙڪڻ تيز ڪري ڇڏي! هرهڪ گهر ۾ ڇوڪرين کي سيکاريو ويو ته مسلمان گهر ۾ گهڙي ته ٻاهر واري پلنگ جي ٻن ٽنگن ۾ آگريون وجهي اتي هيٺ ڪري پاڻ کي ختم ڪجو.

مهينو ٻه اتي ئي گذاريو. سيني ٻڌي سمجهيو ته اڄڪو ٿو ليلاڻو ملي ته ٺاپر ٿي آهي، سڪ سانت آهي، هاڻي هليا اچو، پر اهڙي خبر اچي ڇو ٿي؟

هاڻي سيني آکيرو ڦٽائڻ جي تياري ڪئي. فقط هڪ ڪٽنب اتي جوڌپور ۾ ئي رهيو. انهن الي بسين هلائڻ جو ڌنڌو شروع ڪيو، باقي ڪي دهليءَ ويا ته ڪي بمبئيءَ. ڪي ٻڙودي ويا ته ڪي ڪلڪتي ۾ وڃي نئين سر زندگي شروع ڪيائون. منهنجا ٻه ڀائر ۽ ڀيڻ اڃا پڙهيا پئي. بمبئي يونيورسٽيءَ جي ڪورس لاءِ ٻڙودو ڀلو ڳڻيو ويندو هو. انڪري اسين ٻڙودي هلي آياسين.

ٽرين ۾ چڙهڻ وقت اثين لڳو، ڄڻ جهڙي هوندي ئي پنهنجي زندگيءَ جو موسم ڏنو اٿم ۽ هاڻ هڪ اڻڄاڻ جيون جي ڀيٽي ۾ ڀيڙل آهيان.

# ورق اٺون

## مان - ماسترياڻي

جهان ۾ جي رهڻ نه رهه، تون جهان جي فضا کان فارغ
آڌام ڪرڻ جيان مٿاهون وڃڻ مان ٽالو ٽهال رهندو
— ليکراج عزيز

منهنجو بابا اسان کان ڇهين ڇهين مهني درجا ٽپارائيندو هو. هر روز رات جو ميز جي چوڌاري وهاري اسان کي پاڙهيندو هو. منهنجو ڀاءُ ڏيو ۽ مان ٻه ٻه درجا ٽپيا هئاسين. ڏيو مئٽرڪ ٽائين درجا ٽپيو. ننڍو ناراڻ سال ۾ ٽي درجا ٽپيندو هو، تڏهين به هو سڄي حيدرآباد جي پرائمري اسڪولن ۾ پهرين نمبر ايندو هو. تن ڏينهن ۾ هوشيار شاگردن جو ڏاڍو قدر ڪيو ويندو هو. ڇوڪرين ته ٽئين درجي ۾ ٿي پهرين انگريزي پڙهنديون هيون. ان ڪري مون چوڏهن ورهين ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنو.

نتيجو ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ليو ونڪنسيءَ ۾ ٽن مهنن لاءِ حيدرآباد جي مشنري اسڪول مس پڪٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ ماستري ڪيم. اسڪول جي هيڊ مسٽريس مس هيمورٿ هڪ قدردان انسان هئي. مونکي چيو ته تون انگريزي ۽ حساب پاڙهه. حساب سان منهنجي ڏريان ٽي دشمني هئي، سو انسپيڪشن ٽي ته ڊپ وچان مون ٽي

# ورق نائون

## زندگي هڪ ناٽڪ

"دانهن ڪهڙي ڪجي، تو ڪير پڇي؟
— سڀ هتي ڪرڻو درگندر آهي"
— اوجن "حاسد"

ٻاٻي چوندي هئي ته "مون ناٽڪ ڏٺا هئا 'راجا هرشچندر'، 'نل دميتي'، 'رڪمڻي - ستياڀاما' وغيره. ڇا ته انهن ۾ راڳن جو مزو هوندو هو. هرشچندر جو پٽ جڏهين نانگ جي ڏنگ ڪري مرڻ تي آهي، تڏهين امڙن کي ٿو چوي :-

"ڪيول ميول پائرو، ماتا کي حال سڻائجو،
هاءِ! نه مونکي نانگ ڏنگيو،
روهت پٽ نه هاي رهيو..."

اُميءَ وري "رام ليلائون" ڏٺيون هيون. شادي ڪرڻ بعد ڪراچيءَ ۾ ڪجهه وقت رهي هئي، جتي رام باغ ۾ رام ليلا ڏني هئائين. گهڻي ڀاڱي اُتر پرديش مان ڪا نه ڪا ٽولي اچي رام ليلا ڪيليندي هئي، پر سنڌي به پنهنجي سر ڪي نه ڪي نظارا ناٽڪ جي رنگ تي پيش ڪندا هئا. اهي ياد ڪندي اُمي ڳائيندي هئي:

وقت ۽ زماني جي تقاضا موجب رنگ منچ جي ڄاڻ ۽ ڪلا
جي وڪاس مان واقف ٿيڻ ضروري ٿيندو آهي جي
ڳالهيون مونکي هينئر دلچسپ ٿيون ڀاسن. ان ڪري هاڻي
ناٽڪ ۽ مان الڳ ٿي ويا آهيون هڪ ٻئي کان اُن ڇڄي
ڌ، پنهنجي زندگيءَ جي ناٽڪ کيليندي ۽ ڏسندي فقط مان
ئي آهيان!

# ورق ڏهون

## منهنجي پيءُ ۾ چڻنگ آهي

"ڪونج اُڀ ۾ رلندي رلندي
ساٿي ڳولهيندي - دڳ ڀلندي
لنوندي لڙندي - ٿڪجي پوندي"

— شيخ اياز

لڳي ٿو منهنجي پيءُ ۾ چڻنگ آهي. منهنجو پيءُ گشت تي ويندو هو. هڪ ڀيرو ان سان ڳوٺن ۾ ويئي هيس پر ان وقت مان تمام ننڍي هيس ان ڪري ڳوٺن جا نالا به معلوم ڪين اٿم.

پيءُ جي ديهانت بعد حيدرآباد آياسين ته ساندهه ڪي سال ڪٿي به وڃي نه سگهيس. منهنجي ماسيءَ جو گهوٽ راءِ صاحب پوڄراج ملڪاڻي ڪوئٽا ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ هر سال وئڪيشن ۾ ماسي ۽ سندس سڀ ٻار ٽي مهنا ڪوئٽا ويندا هئا. هڪ وئڪيشن ۾ مان به انهن سان گڏ ڪوئٽا وئي هيس جتان "زيارت" ۽ "چمن" جون هل اسٽيشنس پڻ ڏٺيون هيم. ڪوئٽا ۾ ترُوٽ ۽ شهتوُت رستي جي وڻن ۾ پيا لٽڪندا هئا. چمن ۾ تازيون باداميون ۽ تازن اکروٽن سان ڇمڇڇيل وڻ پڻ ڏٺا هئم. انهي جڳهين

# ورق ٻارهون

## مون شادي ڇو نه ڪئي؟

"اُسين ٻاڻ اُمير - دل جي ولايت جا
تارن جي تدبير - اُسي هلي ڪانڪا."

— ڪلياڻ آڏواڻي

مان حيدرآبادي عامل گهراڻي ۾ پيدا ٿي آهيان. انهن ٻڌائيندي فخر نه ٿيم ٿـــو ۽ لـــڄ نه ٿي اچيم. اسانجي ايات ۾ ڇوڪريءَ کي هر طرح لائق بڻايو ويندو آهي ۽ کيس ذهني يا سماجڪ ڳالهين ۾ وڪاس ڪرڻ جو هرڪو وجهه ڏنو ويندو آهي. پـاڙهي ڳاڙهي ڊگريون حاصل ڪرائي علم ۽ لياقت سان سينگاريو ويندو آهي. رڌڻ پچڻ جا سڀ نمونا ۽ طريقا سيکاري کيس گهر هلائڻ جي هنر مان چڱيءَ طرح واقف ڪيو ويندو آهي، شاديءَ بعد عورت جي درجي کي هيٺ نه ڪري، مرد پنهنجي ڪم ۽ ڪمائيءَ بابت هنکي هرڪا ڳالهه ڏيندو آهي ۽ هر ڪم ۾ کانئس صلاح وٺندو آهي، پر شاديءَ ڪرائڻ وقت ڇوڪريءَ جي ٻـر ۾ يا عيئي تي ناڻي جي ٻاري ڳوٺري رکـڻ لازمي سمجهي ويندي آهي! ڄڻ ڇوڪري ناهي، پر ڪا عربي گهوڙي آهي، آهي، جنهنجي سوار لاءِ گهوڙيءَ کي سونا سنج پائڻا آهن،

پر مون شادي نه ڪئي - ان لاءِ مونکي ڪوبه ارمان ڪونهي.

عجب ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته مون پنهنجا پئسا "پنهنجيءَ ڌيئي ليتيءَ" لاءِ ڪم نه آندا، پر ڀيڻ جي شاديءَ ۾ مونکي اهو سڪجهه ڏٺو پيو ۽ ان نفرت آميز ماحول ۾ ئي ڏٺو پيو، جنهن کان مونکي چڙ هئي. هنجي ساهرن مصريءَ ۾ گهڻيون گهرڀون، ڳٽي لوٽ ورتا ۽ ڇڪي ڇڪي چيزون، پئسا ۽ مٽيا حاصل ڪيا. پنهنجي آدرش تي مان ڀاڳ ڪنواري ويٺي سگهيس ٿي، پر ٻئي ڪنهن کان ڪيئن ٿي قرباني طلبي سگهيس؟ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته سماج جي زنجير ان ماحولي ٻٽيل آهي، جو عورت زنجير جي هڪ ڪڙي پڇي ته ٻيءَ ۾ جڪڙي ٿي وڃي ٿي!

# ورق ٻارهون

## مان هڪ عورت

"اڳيان ٻڌڙي لي رهيو - ڪنهن جو آنڪاءُ
پٺيان لتاڙيل قول ٿي - ڏينهدا رهيا هڳاءُ."

— نارايڻ شيام

منهنجي گهر ۾ جنس موافق جي ڪڏهين به بي عزتي نه ٿيندي آهي. اُمي انقلابي خيالن جي هئي. هن منهنجن ڀائرن کي ڪڏهين به ڀيڻن کان پاڻ گهٽ مٿي سمجهڻ جو غلط خيال نه ڏنو. ڪم ٿوڙي وهنوار ۾ اسين ڀائر ڀيڻ بلڪل سمان سطح تي هڪ ٻئي سان ورتاءُ ڪندا هئاسين، ڪندا آهيون. پر اسانجي اسڪول ۾ ڇوڪريءَ کي فضيلت سان پيش اچڻ واري "ڪلا"سيکاري ويندي هئي. ڏاڪڻ تان لهجي نه ٻين لي هلجي، ڪاڇي ته گهوڙي وانگر نه، بلڪ هلڪو ٿهڪ ڏجي، پاڻ وڏي سان ۽ پرش سان هميشه لوهان ڪري ڳالهائجي، هلڻ وقت سڌو ٿي بندوقون جهلي نه، پر ٿورو اُمي ۽ جهڪي هلجي وغيره.

شام جو باغ ۾ گهمڻ ويو هو ته آلي کهڙي به، مائي آئي اسانجي مڪت ۽ ڪليل ٿهڪ ڏيڻ تي اسانکي جهڻڪي سگهندي هئي ۽ گور سنگت ۾ مٿو نه نيڪي اچڻ لي کهڙو به شخص ڇوڪران کي دٻ ڪيڻ جو حق رکندو هو.

سنڌس آرٽ ڪ مشڪلات دور ڪري، هرهڪ ڳالهه ۾ ٺهن جو رڪاوٽ بڻجي ٿو، تنهن جو مطلب اهو ناهي ته هو شادي نه ڪيل عورت جو مخول اڏائي. ڪيترا ئي مرد هڪ ڪنواريءَ تي قياس جي نظر اُڇليندا آهن. اهي پنهنجيءَ سمجهه ۾ سخت پليل آهن.

نه عورت هجڻ گناهه آهي ۽ نه شادي نه ڪرڻ سان ڪا ڪاڻ رهي ٿي. اُلٽي سمجهه وارا ڪجهه به پيا چون، منهنجي سمجهه سلٽي آهي، انڪري انهن جي چوڻ جي پرواهه ڪرڻ جي ڪڏهين به ضرورت نه پيئي اٿم.

# ورق ٽيرهون

## ڪالهه جي ياد - اڄ جو سپنو

منهنجي سنڌ جو نقشو
ڪاغذ جو نقشو نه آهي
اهو منهنجي دل جي خون ۾ چٽيل نقشو آهي
- ارجن شاد

ڪالهه جي ياد ايندي ئي هڪ ندي اُٿلي ٿي پوي... ندي، جنهنجي چانديءَ جي ڌارا ۾ يادگيرين جون سوليون ٻيڙيون بيٺيون ترنديون آهن. ڇٽي پاسن کان شوخ ۽ چنچل ڇورون ٽهڪ ڏيندڙون "تا ٿئي تا تا ٿئي" ڪنديون، ڇنڊيون هڻيون ايندڙيون آهن ۽ "ڪ م پ ... م پ ڪ" ائيندڙون هلنديون ۽ وينديون آهن.

ٻالڪپڻ جا اهي ڏينهن جڏهن اُهي اڃا ٻه لفظ چوندي ٿي نه ٻه ڳوڙها اکين مان ائين ٽپڪي پوندا هئا، ڄڻ ڪل ميوا آهن. ڪشور اوستا ۾ ماستر ٻائي ۽ مٺا ٻول ليندي هئي تہ اهي ائين دل تي چنبڙي پوندا هئا، ڄڻ ڪي ماڪو آهن جي ڳلي ٽا لڳن.

هر آرتوار تي اسين سڀ پاڻ پيءُ ماءُ سوڌا ڪٽوريا ڏيءَ ۾ چڙهي، سنڌوءَ ڪناري گدو بندر تي گهمڻ ويندا اسين. سنڌو - جا ندي نه آهي نه ساگر نه آهي، ٽئين

تو ملي ۽ هو پنهنجو آواز ڪوهي رهيو آهي، سنڌي ليکڪ آنيندهه اولاده. پر تو ڏسي ۽ هؤ منجهي پيو آهي. هندڪان ٻاهر رهندڙ سنڌي پنهنجو زمين-ٽڪر لاءِ ڏسي، تڙپون ٻڏجي پيو آهي. هندستان اندر رهندڙ سنڌي پڻ سنڌ جي ڪِٿ اچي لڳو آهي.

جيڪي پاڪي ناڪتا تا سڏائين، سي به، پنهنجي اؤلاد کي ٻولي، ساهت سنسڪرتيءَ جو ورثو ڏيڻ بدران جاءِ ۽ ناڻو ڏيڻ وٺڻ جي پيا سوچين.

ان عجيب اسٿتيءَ منهنجون پلڪون خواب ڪيئن اٽي سگهنديون؟ منهنجي دل پنهنجين ڀاونائن سان سازگار آهي، ان ڪري ”بي گهر“ ۽ ”بي وطن“ جو احساس منهنجي من کي وڪوڙي ويو آهي.

ايندڙ بهار جي اميد پر، دل سياري جي ٿڌ کي سهاري ويندي آهي. پر هت اهڙي آس ني ڪٿي آهي؟

ڪالهه جي ياد ته تازي آهي، پر سڀاڻ جو ڪوئي سپنو ڪينهي موڻ وٽ. مان انهن ني تي چوان ته:-

اڪبر اعظم جي دربار
۽ حسن جي سرڪار
پوءِ به
انارڪليءَ کي جيئري ئي دفن ٿيڻو پيو
پارس جي دلهن - دهلي
۽ منهنجي گهر جوڙڻ واري اعليٰ موئن جي دڙي
واري سڀيتا
پوءِ به
مان - سنڌڻ
بي گهر ٿيڻجي در در ٺوڪرون کائي رهي آهيان.

# ورق چوڏهون

## زندگيءَ جي شام

زندگيءَ جي شام آئي آهي،
تو وڻن ۾ زرد پن ڪِرڪڻ ڪري
بس هوا ۾ ماڻ به ٿي ويندس هوا

— پريو ”وفا“

پنهنجيءَ ڀوُنءِ جي ڀوُءِ ڪٽي اسين هيلتائين زنده رهيا آهيون. پنهنجيءَ ٻوليءَ لئي دسترس رکي اسين ساهتڪار سڏائي رهيا آهيون. لاڏا ڳائي ۽ جهومر هڻي اسين سنڌ جي ڳوٺن جي تهذيب جي هٻڪار سان اڃا تائين واسيل آهيون. پر ڄاڻ يا اڻڄاڻائيءَ ۾، چٽيءَ طرح يا ڌنڌليءَ ريت پنهنجي هستيءَ کوهڻ جو ڊپ اسان جي من جي ڪنهن نه ڪنهن تهه ۾ موجود ٿي رهيو آهي. ڪڏهين ملڪ جي عجيب فضا ۾ اهو ڀؤ اندران اڀري ٻاهر اچي هڪ سوال جو روپ ڌاري اسان اڳيان کڙو ٿي ٿو وڃي ته ڪڏهين مسئلن جي ڳنڍ ٻڌجي اسان کي منجهائي ٿو رکي.

جڏهين پکي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ويندا آهن، يعني مائگريٽ (Migrate) ڪندا آهن، تڏهين اهي ٽوليون ٺاهي اڏامندا آهن. پر اسين انهن ڇڙو ڇڙ ٿي ويا آهيون، جڻ

زندگيءَ جي شاهراهه تان هلندي اِئين به، محسوس ڪيو اٿم ته جن تي گهڻي ۾ گهڻو وشواس رکيو اٿم، انهن ئي مونکي گهڻي ۾ گهڻو ٺڳيو آهي ۽ ٻاهرئين ڍهه ئي پيلاڇي جن ۾ جهجهي اميد هئڻ جو ڀرم ٻڌي ڇڏيو اٿم، سي ئي انسانيت کان خالي ڏٺا اٿم. خير......

ننڍي کان وڏي هئڻ تائين گهڻي جد و جهد ڪئي اٿم. حالتن مان لنگهي آهيان. جهان مان هلي وڃڻ جو مونکي ڪوئي غم نه آهي. نه ڪا چيز، نه ڪائي ڳالهه ۽ نه ڪوئي انسان، مونکي هت وڌيڪ رهڻ لاءِ مجبور ته ڪري. آئين پيو لڳيم، ڄڻ دنيا مون لاءِ اجنبي ٿيندي ٿي وڃي.

هر رات جو اکيون ٻوٽڻ کان اڳ، مان اِئين محسوس ڪندي آهيان، ڄڻ دنيا هڪڙي پاسي ٿيندي هلندي وڃي ۽ مان ٻئي پاسي. ٻئي هڪ ٻئي کان دور دور ٿيندا وڃون. اسان ٻنهي جي وچ ۾ مفاصلو وڃي ٿو وڌندو.

هيءَ منهنجي زندگيءَ جي شام آهي. اُفق وٽ لالاڻ آهي. پکي پنهنجي آکيرن ڏانهن اڏامندا ٿا وڃن. ڏينهن رات کان موڪلائي هليو آهي. اسان ته ڇاڻ، ڇاڻ موڪلايو.....

ڀلا يادگيرين جي ڳلين ۾ آخر ڪيترو ڀٽڪبو؟

# ورق پندرهون

## اسانجا سگهڙ سياڻا

لون ڏنا ڪيترو ۽ ڪيئن ٻرين
سڀ هوائن جي اختيار آ

— ايم ڪمال

مان شاعرا ٻڌجي ۾ سگهڙس پر مولڪي شاعر ڏاڍا وڻندا آهن. پرنسپال اجوائڻيءَ هڪ سنستا اسرا ڪئي هئي "سنڌي ساهت سنگت". ان سنستا پاران ڪي. سي. ڪاليج ۾ راڳن، لڪچرن ۽ شعرن جون چٽاڀيٽيون ٿينديون هيون ۽ مشاعرا ۽ ڇڙاڪيون پڻ ڪيون وينديون هيون. شاعر پرسرام 'ضيا' سان منهنجي ملاقات اتي ئي ٿي هئي. هو سادو سودو ۽ دل وارو شخص هو. ورهاڱي جي بدولت غريبي سندس پلو پيئي هئي.

دنيا ۾ هڪڙا اهي شخص آهن جي حالتن مان پيدا ٿين ٿا ۽ ٻيا اهي جي پاڻ خود حالتون ٺاهين ٿا. ضيا پهرئين لوني جي پيدائش هو. تڏهين ته ضيا اهو شاعر هو جو ڪڏهين نه غريبيءَ سبب مرادون ماڻي نه پئي سگهيو پر ڪڏهين ڊگريون حاصل نه ڪندي به هو اهڙو شاعر ٿيو جو ڊگريءَ وارا سندس شعر جو ابياس پيا ڪن! ضيا

ٻڌي چندر جا راڳ ٻڌنديون هيون. چندر جو آواز ۽ هڄتي راڳ! جڻ ٻئي هڪ ٻئي لاءِ جڙيل هئا!

جڏهن وقت ڏيو اهارا–ن
سـ–ـهٽا اکيون ڪـٽـين ٿو
دل کـي گهٽو وٺين ٿـو!

---

دل نہ چاهي ٿي سدا دلبر سان گڏجي مان گهمان
پر ڇا ڪريان مندار سان گڏجي گهمڻ جي آ مدع.

---

مان ٿـو چوان مـران ٿو– هوَ ٿـــو چوي ڀلي نـ–ر
ڪهڙو نـــہ مطلب مهنجو حـاضـر جواب آهـــي!

چندر جو راڳ نيس پر سليس سنڌيءَ ۾ آهي. ان راڳ ۾ ڪن رنگين ۽ مٺڙ گهڙين جو چٽر آهي، انهن مٺڙ گهڙين ۾ سنڌي ڳوٺاڻن جـــي دل قيد ٿيـل آهي، اهـي دليون زناليون لوڙي مرداليون ٻئـــي آهن، اهي زالـون ۽ مرد جوانيءَ جي ڏاڪي تي بيٺل آهن ۽ اها جواني ڪل چرچي ۽ مذاق جي ڪوڏي آهي.

گوسوامي برهمانند چندر جي صفا اُبتڙ هـو. چـنـدر عام ۾ پيارو هو ۽ گوسوامي "تـن ـن تـن ـن" جي لاٽن ۾ پنهنجو پاڻ ڪوهيندڙن جو دلارو هو. سنـڌ ۾ وڏن گهرن جون ڇوڪريون ونـانس ڪلاسيڪي راڳ ٻـــا سر ڪسيدي سکنديون هيون. هن جي شاگردياڻي جڏهين مومل جيئان ورلاپ ڪندي ڳائيندي هئي:-

ڪيئن ڪريان ڪيڏانهن وڃان
مونـکي سـوڌو سـجهہ نــــہ ڏي
اَلا.... مونکي راڻو سجهہ نہ ڏي

ھتي ۽ ڇا ھيءُ اڄ آھي؟ سرد آھ ڀري چوان ٿي:-

شينهن ڏھاڙون ماريندا ھئا
بادل گجندا ھئا
مور ٽيھون ڪڍنديون ھيون
۽ ھاٿي جھومندا ھئا
۽
ماڻھو سمنڊ جي لھرن جيئان لھرائيندا ھئا
سندن مک ٿي
اُتساھ، اُنين چمڪندو ھو جيئن اس ۾
واريءَ جا ڪڻا.

اڄ
لوڪ ۽ ڪُڏ آھن
سانڊا پنھنجا رنگ پيا بدلائين
ڪرڙاٽون ٻدا ٻڇ ٻيڙون چرن ٻرن
سڦيڙيون ٻيڙون سرڪن
۽ ڪتا ٻڇ پيا لوڏين.
رشوت، چاپلوسي،
خود غرضي ۽ اڻ ڄاڻائي
ٻيڙون ڪن
ڪانءَ ... .... ڪانءَ ......
ٽڙ ...... ٽڙ ...... ٽڙ ......
ايمان، ذھن ۽ انصاف
منھن موڙ ۾ وڃي
دور دور
بلڪل دور وڃي ويٺا آھن

- ٻوڏي

ڇڏيون مگر آتما اَنَشٽ آهي اُن جي خبر ڪيئن پوي؟

پلا جڏهين مايا مان ٺهيل شرير جا پنج تتو ن موت بعد وڃي ٿا سرشٽيءَ جي پنجن تتون سان ملن تڏهين آتما جا پرماتما جو انش ئي آهي، اها ڇو نه ٿي خود به خود پرماتما سان ملي؟ اسانکي انهن ٽيڻ لاءِ شرير هوندي اهڙو يتن ڇو ٿو ڪرڻو پوي؟

سنسار ۾ انسان کي انيڪ قسمن جا دک ڇو ٿا سهڻا پون؟ ڄمڻ به دک، ته مرڻ به دک، بيماري به دک، ته وڇوڙو به دک، غريبي به دک، ناڪاميابي به دک، دشمني به دک، ته بي قدراڻي به دک! آخر اسانکي ڏکيا، بدرا، وڏا، ننڍا اهڙا دک ڇو ٿا سهڻا پون؟

پلا هيءُ به ڪو انصاف آهي؟ زندگي ڏيئي اوچتو انسان کان ڪسي ٿي وٺجي ته اسين ڪا دانهن ڪوڪ به ڪري نه ٿا سگهون؟ موت اهڙو قهر پاهي لاءِ ته اسانکي فرياد ڪرڻو ناهي! پلا هيءُ ڪهڙو نيم آهي قدرت جو!

# ورق سورهون

## اڪيلي اگربتي

دل ٿي چانيل هجي پل رات
چهرو پر صبح وارو رک

- ايم ڪمل

مون پنهنجي آتم ڪهاڻي لکڻ ۱۹۷۸ ۾ شروع ڪئي جا ۱۹۸۰ ۾ ڇپي. ان وقت اڇا آدمين ۾ ديد هوءَ پر مان سمجهان ٿي جيئن جيئن وقت گذرندو ٿو وڃي تيئن ڏسان ٿي ماڻهن کان ماڻهپڻو ٿي موڪلائيندو ٿو وڃي!

ننڍي هوندي کان ٿي مون کي تڪليف ۽ مشڪل حالتن جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي. ان ڪري منهنجي زندگي ائين بڻجي وئي آهي جو مان مشڪلات ڏسي روئان يا پڇان ڪين پر همت ڪري ان جو مقابلو ڪرڻ جو يتن ڪريان.

منهنجيءَ ان عادت ڪري منهنجي گهر جا ڀاتي مون کي بردبار ڪري ليکيندا ۽ سمجهندا آهن. پر بردباريءَ جو مطلب احساس - هيڻتا ته نه آهي نه؟

منهنجا ڀائر ۽ ڀيڻ مون کي جهجهو پيار ۽ عزت ڏيندا آهن پر جتي اهي هر هڪ ڳالهه ۽ وهنوار ۾ اهو خيال ضرور رکندا آهن ته اهڙي ڪا ڳالهه يا وهنوار نه ڪريون جنهن

نراشا وچان مان پڇي چوان:-

ڏنڌ ٿي ڏاڍ آهي ڪا لطف وڃي ٿو جهڪي ٿي
منهنجو چهرو ڳم ٿـــي ويو ڪا دردناڪ ٿي پيو آ؟
نه اکين ۾ ڪو آ سپنو ۽ نه سپنن کي ڪو ارٿ آهي
ويون ٽٽي ڪري سڀ ڪا آشائون ٽٽي پيو آ؟
ڏاڍو ٻڌو آ ڏاڍهڙو ۽ راس پئي سا ٿئي ٿي آسان
منهنجي قسمت جو ڀاڳ لکندي ڪاتب سمهي ته نه پيو آ؟
منجهي پئي آءٌ آهيان ڪا دنيا هوشيار ٿي وئي آ؟
هلي سگهان نه ٿي مان ڪا رستو ڀلجي ويو آ؟
ڪنهن ۾ ڪم نه آ مونکي نه ڪنهنجي پرواهه رهي آ
ڏاڍيا لڳن ٿا سڀ اڄ - جڳ اجنبي ٿي پيو آ!

- (پوپٽي)

لتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه ڪري، ڪاڏي کي ٿياڳي جن لاءِ مون ڪم ڪيو سي اڄ مون سان ٿي ٿا دوهه ڪن؟ جن کي مون سڳو متر سمجهيو هو پنهنجو، سي ٿي سرڳهوري سوري ٿا دشمني ڪن؟

تازو ٿي هوتو "سندو پياسي" جو هڪ غزل پڙهيم:-

صاف ٻولي ڳـر هجي ڪنهن جي هٿي
ڪين ٿـو ٻڌجي ڀـه ڪو اهـڙو اديب
سڀ ادب جـي اوٽ ۾ ٿـي هنس پيا
پــر لڳن ٿـــا ڪاڙ جي اچـــن قريب

(هيٺيئن سٽ جا لفظ "جي اچن" مون مٽايا آهن)

ڪيمن موُلاڻيءَ پڻ لکيو آهي:-

لونهي ايتري وئي سنڌيت
ڪيترن کي اها وٺي ٿي ٽٽي!

ان طرح ٻڳوان "نردوش"، جھڙو لعلوائي ۽ ٻيا گھڻا جوان اهين ليکڪن جي پاسخاطرين ۽ سوارٿي ڪمن مان ڪڪ ۽ بيزار آهن.

اسانجو محبوب شاعر آهي. ڪمل ٿو چوي:-

هر سو ڏاڍائي
چپ چاپ سهُون ڪيسين؟
ڏڪي ڏڪي ٿالها ٿالها
وڪ وڪ لهس آئي
چپ چاپ سهُون ڪيسين؟
پاڪدي پاڪر ۾
لکي سچ جي وائي
چپ چاپ ....
ڪنهن نه سڪ سڏيين واٽ ۾
آندا اوڪا موڙ
چپ چاپ ...

ٻئي هنڌ چوي ٿو:-

روشن چهرا پاهران
اندر ڪاري پاٽ
نظر ...
اونده ڪي پرال ڏسي
ڪنهي ڏٺي جي لاٽ
نظر ...

ڪمل هاڻوڪي دنيا جي وهنوار کي چڱيءَ ۾ گھڻو ماهر آهي. اڄ سنسار جو هرهڪ شخص ڪمل جي چوڻ سان شامراه ٿيندو ته:-

اڙي

اهڙا ڏينهن آيا ڪي آيا
مارئي ڀ وڙي ويندي عمر ڏي
ڪٽو مٽيندي ريشم سان
اهڙا ...
هرڪو ٿيندو اَڪ جو ٻڪو
هر شيءِ ڏسندو پيٽ - نظر سان
اهڙا ...
سيرت ڏي ڪا نظر نه ڪڇندي
ٻاهر وٺندا سڀ صورت تان
اهڙا ...

مهاراشٽر ساهتيه اڪادميءَ ۾ اُن ئي شاعر اهم. ڪمل ڪي هڪ جڄ سنڌس ڪتاب تي وڏيڪ مارڪون ڏنيون ۽ ر اُن ڪي چيو ويو ته هن کي صرف هڪ مارڪ ڏي ڇاڪاڻ ته هن سال اسانکي فلاڻي مهرباني ڪندڙ کي انعام ڏيڻو آهي ته جڄ صاحب ائين ڪري اهم. ڪمل سان بي انصافي ڪري ڇڏي!

هي اديبن جي دنيا آهي؟ اهڙن کي اديب ڪري سڏبو؟ وڏا ادبن لاءِ ڪهڙو ته ماحول پيدا ڪن؟ ڪهڙو ته مثال پيش ڪن؟ آپريشن لاءِ مولڪي خون کپندو هو. منهنجو ڊاڪٽر ئي. آر. مونواڻي ٻلڊ بئنڪ مان خون خريدڪرڻ لاءِ تيار نه هو. سنڌين ۾ دقيانوسي خيال ويٺل آهن. انڪري ڪو به مولکي خون ڏيڻ لاءِ تيار نه پيو ٿي! ڇي ماءُ ٿي جهليم! مڙس موڪل نه ٿو ڏئي!

پورو مهينو لڳي ويو! مٿن مان صرف ڪيرت هڪ ديپڪ پاڳارڙيءَ جو نالو ڏيو. ديپڪ پاڳارڙي مولکي سڃاڻندو نه هو پر خون ڏيڻ لاءِ پنهنجن ڪي وٺي آيو!

جي استري" ۽ "ڀاشا شاستر" ساهتيه ۾ خاص درجو والارين ٿيون. ان کانسواءِ "سوامي وويڪانند جي جيولي" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري اوهان ساهتيه کي مالامال ڪيو آهي. اوهانجون رچنائون الڳ الڳ ڀاشائن ۾ ترجمو ٿينديون رهيون آهن.

اوهين آدرش اڌياپڪا آهيو. هن وقت جڏهين سنڌي جاتيءَ ائيمان ٻولي، لپيءَ ۽ تعليم جا مسئلا آهن ۽ جاتيءَ کي جڏهين روشن راهه جي ضرورت آهي تڏهين اوهين پنهنجن انٿڪ ڪوششن سان رهنمائي ڪري رهيا آهيو.

١٩٦٩-٨-١٥

سنمان ڪري مانپتر ڏيڻ واري ڪاميٽيءَ جو ڪنوينر هو شاعر ارجن حاسد ۽ شامل ٿيل سنستائون هيون:-

١) سنڌي ساهتيه سنگت - احمدآباد
٢) سنڌو شيوا سميتي - احمدآباد
٣) احمدآباد سنڌو سماج
٤) ڪويتا - پماهي
٥) هاڪس ڪلب
٦) ٽين دروازا سنڌي منڊل
٧) سنڌي پنچائت - ايلس برج
٨) "ڪلي" ماهوار
٩) سرسوتي پستڪاليه امباواڙي
١٠) سنڌو ڪلاڪار منڊل
١١) "مارو ئي" ماهوار رسالو
١٢) "جهوليلعل" هفتيوار
١٣) جنتا ڪاميٽي - سردار نگر ٹائون شپ
١٤) سنڌي گريجوئيٽس اسوسيئيشن
١٥) جاز ڪلب

سنڌي لکين ٿي.“ يعني هنجو پيار سنڌيءَ سان آهي. اهي سنڌيءَ کي ڪي ماڻ ۽ عزت ڏين ٿا. انڪري مونکي پاڻ تي ٻاور ڪرڻ جو ڪوبه سبب نه ٿو ملي. مان وس آهر سنڌيءَ لاءِ ڪجهه ڪريان ٿي ته اهو منهنجو فرض ٻڻجي ٿو ڇاڪاڻ ته سنڌي منهنجي ماتر ڀاشا آهي. ٿنهن هوندي به مان جيڪر چوان ته منهنجا اهي سنڌي پنهنجي سنڌيءَ کي گهڻو ۽ وڌو پيار ڪن ٿا ۽ ان پيار وچان ٿي اهي مونکي به پيار ڪن ٿا.

ستر سالن جي عمر کي ويجهو ايندي اڻين محسوس ڪيو اٿم ته زندگي جدوجهد جو ٻيو نالو آهي. ڪو ڪهڙي چيز لاءِ هڻ پيت ٿو ڪري ته ڪو ڪهڙيءَ لاءِ. جيون جي جنگ هر هڪ کي لڙڻي پوي ٿي. گهڻي ڀاڱي مون اڪيلي اگربتيءَ جيان گهڻن کي لڙڻو پوي ٿو ۽ باقي ڪن کي ڪنهنجو ساٿ وٺي لڙڻو آهي. مان حالتن سان اڪيلي لڙندي رهي آهيان:-

## اڪيلي اگربتي

ڀاڳن جي جهرمٽ
۾ هڪ اڪيلي بتي
رات جي اونداهي سان
لڙندي رهي
هاڻ
صبح جي ڌاڌ ۽ غبار سان پڻ
لڙڻو اٿس.
ڪيس اڪيلي ڏسي
چئني طرفن کان

سنساهت مٿس حملو ڪيو
اولڌهه ۽ ڪارلهن ۾
اُن جوئي ساٿ ڏنو
پـــر
اوڻ
نه ڊاي آهي
نه ڪهڙائي آهي
جيئن گوئم ٻڌ مارا جي حملن سامهون
شانت ويٺو هو
هيءَ به اُهي آهي
شانت ۽ اٽل

## پوپٽي

غم ۽ زخم سڀئي ڪي آهن. ڪن ڪي سڪل غم ته ڪن ڪي سبز غم آهن، ڪن ڪي ساوا، ڪن ڪي سرخ زخم آهن پر ڪوئي رنگدي رنگدي ڏيڍهن گذاري ٿو ۽ ڪو مسڪرائيندو رهي ٿو.
خير... مون زندگيءَ سان پيار ڪيو آهي ته موت کي ڪي به چاهيو آهي. ايم ڪمل جي لفظن ۾ چوان ته:-
ائين گـــذاري مـــون حياتيءَ جي اُس ۽ ڇانـــوَ
عشق جيئڻ سان رکيو ۽ موت جي چاهت نه ڇڏي!

# ورق سترهون

## منهنجون بيماريون ۽ منهنجا ڊاڪٽر

نا خدا جنهنجو خدا هوندو، ته پو خطرو ڪهڙو
ٻيڙو طوفان منجهان پار لنگهيو ايندو آ
- ڀڳوان ڪلناڻي

ڪتاب جي چوڏهين باب ۾ مون جهان ڪان جٽ موڪلايو آهي. پر پندرهن سال موت سان دوبدو ٿيندي به مان اڃا زنده آهيان.

آرام ۽ ڪاڏي ڏاڍهن لاپرواهه رهڻ ڪري مونکي مرض اچي ورايو آهي. نه ته مان سالن جا سال يوگم آسڻ ڪندي هيس اگري هميشه تندرست رهندي هيس.

پنهنجن ئي خطائن جي مونکي سزا ملي آهي. صبوح سويل چانهه ڪوپ پي ڇهين ٻجي اکري بس دنداران ڪاليج پهچي، اتي ايڪائي يا ساڍي نوين ٻجي تائين ڪلاس وٺي، فورٽ ۾ اکل پارسي سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي آفيس ۾ ڇهين ساڍي ڇهين تائين ڪم ڪري شام جو گهر پهچي پنهنجي بدن کي ڪاڏي ۽ آرام کان واجهڻ، پنهنجي سرير سان وڙهڻ نه ته ٻيو ڇا آهي؟

١٩٧٥ ۾ مون په پائر وڃايا ۽ ان کان اڳ ١٩٧٢ ۾ منهنجي ماتا سرڳواس ٿي هئي. منهنجو من ۽ تن ٻئي ڄڻ ٽٽي پيا

ڪامت ۾ مونواڻيءَ جهڙو ئي هڪ نيڪ انسان آهي ۽ خصلتن ۽ گڻن جو مالڪ آهي.

ڊاڪٽر ڪامت جي ڪيبن ۾ گهڙڻ سان ئي سد گڻن جي خوشبوءِ اچي ڀاڪر ۾ ڀريندي آهي. هو تمام ٿورو ڳالهائيندو آهي. همدردي ڪرڻي هجيس ته اکين کان ڪم وٺندو آهي ۽ شاباس ڏيڻي هجيس ته هلڪي مسڪراهٽ کان ڪم آڻيندو آهي.

مونکي ڪا به تڪليف ٿئي ته هنن ٻنهي مان هڪ وٽ ڊوڙي ويندي آهيان. ٻئي هڪ ٻئي سان فون تي هڪ ٻئي کي منهنجو حال ٻڌائيندا آهن. هنن جي حاضريءَ ڪري منهنجي اڌ منهنجي بيماري ته اُن وقت ئي لهي ويندي آهي!

مون ٻئي ڳولهي
پنهنجي وڃايل صحت
باغن جي ڪوَنبج گلين ۾
سمنڊ جي لهرن جي ڇپن تي
هوا جي ڇر ڇر ۾
۽ اُس جي تڙڪي ۾
پر
جان ڪٿي ڏسان
ته اُهو لڪي ويٺي آهي
منهنجن هنن مسيحائن
ماهر ڊاڪٽرن
۽ سٺن انسانن
وٽ!

هڪ ڏينهن شري جهمٽمل واڌاڻيءَ جي سڏ تي ڇيمبور

هلندي رهي." بس مان ان منتر جي پوئواري ڪندي رهندي آهيان.

منهنجي ٻئي ڊاڪٽر ڪامت جو نالو آهي ماڌوءَ. هنجو چوڻ آهي "هميشه مٺين ماڌوءَ (ڪرشڻ) پر وشواس رک." شري ڪرشڻ منهنجو اشٽ ديو آهي.

آئون پنهنجي ٺاڪر ۽ پنهنجي ماڌوءَ (ڪرشڻ) جي سهاري پندرهان سال زندهه رهي آهيان.

ائين ڊاڪٽر هرڪشن ڏاسواڻي جو پيٿالاجسٽ آهي، ڀاءُ وانگر ٿي جاچ جوچ ۾ مدد ڪندو آهي. ورهين جا ورهيه بيمار رهندي آئي آهيان ته گهر جا ڀاتي پڻ هر طرح جو ساٿ ڏيندا اٿم. منهنجا ڀاتر موتي ۽ نارائڻ دلداري ڏيندا آهن ۽ دل وندرائيندا آهن. منهنجون ڀاڄايون چترا ۽ رنڪا وڏن آپريشن وقت ولائت مان هلي اينديون آهن ۽ ڪمڪار ۾ هر طرح جون مدد ڪنديون آهن. پر منهنجي ڀيڻ ڪملا جنهن کي مالڪ شيوا ڪرڻ جو جهجهو ڏانءُ ڏنو آهي سا هر وقت ۽ هر هميشه منهنجي ڀر ۾ هوندي آهي. اسپتال وڃان ته پرماتما جا چرڻ ڇڪڙيان. ڊاڪٽرن جو همت ڏيارڻ ۽ ڪملا جو پاڻ سوڳهو جهليان! بس پوءِ ته ڀؤ ڀولو ٿي ڪين هوندو اٿم.

# "منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق"

## ڪن اديبن ۽ پڙهندڙن جا رايا

### لڇمڻ ڪومل (دهلي)

"...... سٽ سٽ هيانءَ کي ڇاڪون ڇيان ڇيريندي وڌي آهي. آتم ڪهاڻيءَ جو هي خاڪو سنڌي ادب ۾ مثالي نوعيت واري تخليق بڻجي رهندي ۽ ايندڙ نسل لاءِ نياپو ڏيندو ۽ هر پڙهندڙ کي ڀانئيندي ته سندس ئي ڪٿا وڌائيندو."

### اي. جي. اُتم (بمبئي)

"منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق" پروفيسر پوپٽي هيرانندانيءَ جي آتم ڪهاڻي، هنجي پالت پالت روپن جو درپن آهي- ننڍپڻ کان وٺي وڏپڻ تائين. ميٽرڪ ڪرڻ تي نوڪري ڪرڻ شروع ڪيائين. ورهاڱي بعد ڀارت ۾ لڏڻ تي آجيوڪا لاءِ ماسٽريءَ ۽ پروفيسريءَ سان گڏ لڳاتار گوناگون ساهت رچيائين ته ساهتڪ سنسٿائون به سنڀاليائين ۽ سنڌيت کي اوج ڏيڻ ۽ پنهنجي حقن لاءِ به لڙي آهي. هن سڄي ڪارنامي لاءِ هن پاڻ تي ڀاڙيو آهي. ڪيس سندس پنهنجي همعصر ليکڪائن وانگر جيون ساٿيءَ جي مدد نه ملي. هن پنهنجي ماءُ کي به چئي ڏنو، "مونکي پنهنجي لاءِ گهوٽ خريد ڪرڻو ڪوناهي."

پوپٽي سچ پچ بي باڪ ۽ صاف گو آهي. هوءَ پاڻ چوي ٿي ته منهنجون پسنديون ۽ ناپسنديون نهايت تيز آهن.

## اياز قادري (ڪراچي)

..... اوهانجو ڪتاب هڪ سنڌي عورت جي آتم ڪهاڻيءَ لاءِ ڀرپور ڪتاب آهي، جيڪو اوهان اسان سنڌين ۽ سنڌ وارن کي ڏنو آهي. اوهان نهايت سچائيءَ سان واقعن ۽ جذبن جو اظهار ڪيو آهي ... اوهانجي ڪتاب ۾ ورهاڱي کان اڳ حيدرآباد جي عاملن جي گهرن جي سچي تصوير ۽ سنڌ ورهاڱي کانپوءِ جو سچو نقشو ملي ٿو. ورهاڱي وارين حالتن ۽ ورهاڱي کانپوءِ ڀارت ۾ سنڌين جي حالتن کي به اوهان هوبهو بيان ڪيو آهي. ٻولي سٺي، تز ۽ سادي آهي.

## ڪلا ۽ موتي پرڪاش (دبئي)

”..... سونا روپا ورق ... پڙهي پورو ڪيم. پنج منٽ کن نه روئڻ بند ئي نه ٿئي. پوئين صفحي تي جڻ تو دنيا کان موڪلايو آهي. موڪلاڻي هونءَ به درد پيدا ڪندي آهي. پر تو جهڙي ڀيڻ جنهن حياتيءَ جو پل پل سچائيءَ ۽ گهرائيءَ سان گذاريو آهي- تنهن جو موڪلائڻ دل قبول ئي نه ڪري.

## نذير احمد سومرو (نئون ديرو)

... اوهانجي ڪتاب جو هڪ هڪ اکر سونو آهي ۽ نه روپو ...... توهانجي قلم ۾ وڏو درد سمايل آهي. توهان پڻ مس - ڪپڙيءَ مان نه بلڪل دل جي رت مان ٻوڙي لکندا رهيا آهيو.“

## موتيرام لڇيرام ٻناڻي (آمريڪا)

.... پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ سنڌي سليس، سهڪ ۽ سوادي ڪم آندي اٿوَ. پيار ۽ استريءَ جي جذبات جو چٽ سٺو چٽيو اٿوَ. هيڏي آتم ڪٿا ـ بردباريءَ ۽ سچائيءَ سان سڀ کولي لکڻ جي ٻئي ڪنهنکي شايد همت نه ٿئي.

## ڊاڪٽر سليمان شيخ (ڪراچي)

"..... اوهانجي ٻولي بيحد وڻندڙ ۽ دل ۾ چڀندڙ آهي."

## وفا سنڌي (ميرپور ماٿيلو)

..... ڪٿ ڪٿ ته اوهان اصل روئاري ڇڏيو. ائين لڳو ته ڏکو ۽ حشر اوهانجا پاڻ به اسانجا پاڻ هئا. ڪتاب جو آخري حصو "زندگيءَ جي شام" پڙهي پورو ڪلاڪ رنم."

## هاسومل ايسرداس ماکيجا (بمبئي)

اهڙيءَ طرح پڻ ٻوليءَ پنهنجي هن پستڪ ۾ پنهنجي جيون جي جدا جدا ورقن جا ۽ ان سان گڏ سنڌي سماج جي به جدا جدا ورقن لوڙي ورگن جون انيڪ مورتون ۽ صورتون، چرتر رنگ برنگي رنگن ۾ چٽيا آهن جي پڙهندي انيڪ يادگيريون اچيو اکين اڳيان بيهن ٿيون! ان ڪري هي سندر ۽ سلونو پستڪ سڀاوڪ سنڌي سماج جي هرهڪ ورگ کي ڇڪيندو ۽ هڪواريءَ اهو هٿ ۾ کڻڻ بعد پورو ڪرڻ بنا ان کي ڇڏڻ ڪين چاهيندو.

# سنڌي ساهت گهر

طرفان سنڌي ٻولي جا ٽي بهترين ماهنامہ

# ڪينجهر

ڊيمي سائيز ۾ سؤ صفحن جو هر مهيني اينڊڙ ٺيٺ ادبي پرچو جنهن ۾ سنڌي ۽ عالمي ادب جون بهترين چونڊ تحريرون شايع ڪيون ٿيون وڃن. قيمت پندرهن روپيا- ساليانو: ڏيڍ سؤ روپيا فقط.

ماهوار،

# مومل

ڊبل ڊيمي سائيز جي ۱۰۰ صفحن تي مشتمل، سنڌي ٻولي جو بهترين علمي ادبي ۽ سياسي پرچو، جنهن ۾ بهترين ڪهاڻيون، مضمون، تبصرا، بي لاگ سياسي مضمون، خوبصورت تصويرن ۽ بهترين ٽائيٽل سان هر ماهہ اينڊڙ پرچو قيمت: ويهہ روپيا- ساليانو: ٻہ سؤ روپيا فقط.

ماهوار،

# گلستان

سنڌي ٻولي ۾ ٻارڙن جو علمي، ادبي ۽ سائنسي پرچو، جنهن ۾ ٻارڙن جي دلچسپيءَ لاءِ بهترين مواد ۽ تصويرون ڏنيون پيون وڃن. ڊيمي سائيز- پنجاهہ صفحا قيمت: ٦ روپيا. ساليانو: سٺ روپيا.

ٽنهي پرچن جي گهرائڻ ۽ مواد لاءِ رابطي ۾ اچو

۳- نظام لاج- گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڌَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ اڄاڻائي ڪي پاڙَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙَ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)